SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1976

SINDH ACT NO.I OF 1976

سنڌ ريجنل پلان آرگنائيزيشن ايڪٽ، 1976

THE SINDH REGIONAL PLAN ORGNIZATION ACT, 1976

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، شروعات ۽ استثنيٰ

Short Title, commencement and exemption

2. تعريف

Definitions

3. تنظيم جي جوڙجڪ ۽ قيام

Establishment and incorporation of the Organization

4. تنظيم جي جوڙجڪ

Constitution of the Organization

5. چيئرمين ۽ ميمبرز جا معاوضا ۽ ٻيون مراعتون

Remuneration and Privileges of Chairman and Members

6. تنظيم جو ريجنل پلان ڪمشنر

Regional Plan Commissioner of the Organization

7. تنظيم جو ڊائريڪٽر

Director of the Organization

8. عملدارن ۽ عملي جي مقرري ۽ انهن خلاف انتظامي ڪارروائي

Appointment of officers and staff and disciplinary action against them

9. ڪميٽيون

Committees

10. اختيارن جي منتقلي

Delegation of powers

11. فنڊ

Fund

12. فنڊ جو استعمال

Utilization of Fund

13. بجيٽ

Budget

14. حساب ڪتاب ۽ ان جي آڊٽ

Account and Audit

15. تنظيم جا ڪم

Functions of the Organization

16. تنظيم جا اختيار

Powers of the Organization

17. سرگرمين جي رپورٽ

Report of activities

18. رهتن جي وصولي

Recovery of arrears

19. عدالتن جي دائره اختيار تي پابندي

Courts jurisdiction barred

20. ڏنڊ

Penalty

21. ضمانت

Indemnity

22. قاعدا قانون جوڑڻ جا اختيار

Powers to make rules and regulations

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1976

SINDH ACT NO.I OF 1976

سنڌ ريجنل پلان آرگنائيزيشن ايڪٽ، 1976

THE SINDH REGIONAL PLAN ORGNIZATION ACT, 1976

[2 جنوري 1976]

هن ايڪٽ جي توسط سان صوبي سنڌ جي لاءِ علائقائي منصوبابندي جي تياري لاءِ تنظيم جو قيام عمل ۾ آندو وڃي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اها تقاضا آهي تہ صوبي سنڌ جي لاءِ علائقائي منصوبابندي جي تياري لاءِ تنظيم جو قيام عمل ۾ آندو وڃي.

تنهن ڪري ان کي هيٺين ريت جوڙيو پيو وڃي.

مختصر عنوان، شروعات ۽ استثنيٰ

Short Title, commencement and exemption

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ريجنل پلان آرگنائيزيشن ايڪٽ، 1976 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو هوندو.

(3) حڪومت، نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جي سمورن دفعات يا ڪجهہ سان ڪنهن بہ علائقي کي نفاذ

کان بري قرار ڏئي سگهي ٿي.

تعريف

Definitions

2. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي موضوع يا مفهوم جي متضاد نہ هجي تہ:

(a) "بجيٽ" مطلب تنظيم جي سالياني آمدني ۽ خرچن جا تفصيل

(b) "چيئرمين" مطلب آرگنائيزيشن جو چيئرمين

(c) "ريجنل پلان ڪمشنر" مطلب ايڊيشنل چيف سيڪريٽري/ڊولپمينٽ ڪمشنر، پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ

(d) "ڊائريڪٽر سنڌ" مطلب ڊائريڪٽر آف آرگنائيزيشن جنهن جي دفعہ 7 تحت مقرري ٿي هجي.

(e) "فنڊ" مطلب اهو فنڊ جنهن کي دفعہ 11 تحت آرگنائيزيشن جي لاءِ قائم ڪيو ويو هجي.

(f) "گورنمينٽ" مطلب سنڌ حڪومت

(g) "آرگنائيزيشن" مطلب سنڌ ريجنل پلان جيڪو دفعہ 3 تحت قائم ڪيو ويو هجي.

(h) "پريسڪرائبڊ" مطلب هن ايڪٽ تحت ٻڌايل قاعدن ۽ ضابطن جي قانونن تحت تجويز ڪيل.

تنظيم جي جوڙجڪ ۽ قيام

Establishment and incorporation of

3. (1) هن ايڪٽ جي مقصدن جي حصول لاءِ سنڌ ريجنل پلان آرگنائيزيشن جي نالي تي تنظيم قائم ڪئي ويندي.

(2) هن ايڪٽ جي توسط سان تنظيم هڪ اهڙي

the Organization

ڪارپوريشن هوندي، جنهن جا پنهنجا ليگل رائيٽس طئي ٿيل هجن، جنهن جي مستقل جانشيني هوندي، جنهن وٽ متحرڪ ۽ غير متحرڪ پراپرٽي خريد ڪرڻ ۽ رکڻ جا اختيار هوندا ۽ قانوني چاره جوئي جي لاءِ بااختيار ۽ زميوار هوندي.

وضاحت: ڪا ملڪيت جيڪا تنظيم حاصل ڪندي، تصور ڪيو ويندو تہ اها ليندڙ اڪيوزيشن ايڪٽ، 1894 تحت عوامي مقصدن لاءِ حاصل ڪئي وئي آهي.

(3) تنظيم جي هيڊ ڪوارٽر جي جڳهہ جي چونڊ چيئرمين طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن تحت ٿيندي.

تنظيم جي جوڙجڪ

Constitution of the Organization

4. (1) تنظيم جي جوڙجڪ هيٺين ريت هوندي:

(a) سنڌ جو وڏو وزير (چيئرمين)

(b) ترقي ۽ منصوبابندي وارو وزير (ميمبر)

(c) ڪمشنر ريجنل پلان (پلاننگ، ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ) (ميمبر)

(d) سنڌ جو ناڻي وارو سيڪريٽري (ميمبر)

(e) ۽ ڊائريڪٽر تنظيم (سيڪريٽري) هوندا.

(2) تنظيم نوٽيفڪيشن ذريعي هڪ يا ان کان وڌيڪ سرڪاري يا غير سرڪاري ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿي.

(3) مقرر ڪيل سرڪاري ميمبر پنهنجي عهدي تان فارغ ٿيڻ بعد ميمبر نہ رهندو.

(4) مقرر ڪيل غير سرڪاري ميمبر کي 3 سال جي مدي لاءِ

رکيو ويندو جيستئائين اهو لکت ۾ چيئرمين کي پنهنجي استعيفيٰ ڏئي يا ڪجهه سببن جي بنياد تي ان کي هٽايو وڃي.

چيئرمين ۽ ميمبرز جا معاوضا ۽ ٻيون مراعتون

Remuneration and Privileges of Chairman and Members

5. تنظيم پنهنجي مرضي سان غير سرڪاري ميمبرن کي معاوضو الائونسز ۽ ٻيون مراعتون ڏئي سگهي ٿي.

تنظيم جو ريجنل پلان ڪمشنر

Regional Plan Commissioner of the Organization

6. ايڊيشنل چيف سيڪريٽري/ڊولپمينٽ ڪمشنر تنظيم جو ريجنل پلان ڪمشنر هوندو ۽ هن ايڪٽ جي روشني ۾ چيئرمين طرفان ڏنل هدايتن موجب فرض سرانجام ڏيندو ۽ پنهنجي خدمتن کي سرانجام ڏيندو ۽ اختيارن جو استعمال تنظيم جي بدران ڪندو.

تنظيم جو ڊائريڪٽر

Director of the Organization

7. (1) چيئرمين طئي ڪيل شرطن تي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ڊائريڪٽرز مقرر ڪندو ۽ هڪ کان وڌيڪ ڊائريڪٽرز جي موجودگي ۾ ڪنهن هڪ کي تنظيم جي سيڪريٽري طور رکي سگهي ٿو.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت مقرر ڪيل/ڊائريڪٽرز ريجنل پلان ڪمشنر جي نگراني هيٺ ڪم ڪندا ۽ ڏنل اختيارن جو استعمال ڪندا، جيڪي انهن کي يا ان کي ريجنل پلان

ڪمشنر ڏنا هوندا.

عملدارن ۽ عملي جي مقرري ۽ انهن خلاف انتظامي ڪارروائي

Appointment of officers and staff and disciplinary action against them

8. (1) چيئرمين، ٽيڪنيڪي، پروفيشنل تجربي ۽ تعليمي قابليت جي بنياد تي طئي ڪيل شرطن کي نظر ۾ رکندي ايڊيشنل ڊائريڪٽر، ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ ٻيو عملو مقرر ڪندو.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت مقرر ڪيل عملدار ۽ عملو:

(a) تنظيم جي مرضي موجب فرض ۽ اختيارن جو استعمال ڪندو.

(b) تنظيم يا ريجنل پلان ڪمشنر جي ڏنل هدايتن موجب ڊائريڪٽر جي نگراني هيٺ ڪم ڪندو.

(c) طئي ڪيل انتظامي ڪارروائي جو حامل ٿي سگهي ٿو.

(d) پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعہ 21 تحت سرڪاري ملازم تصور ڪيو ويندو.

ڪميٽيون

Committees

9. تنظيم هن ايڪٽ جا مقصد ماڻڻ لاءِ مالياتي ڪميٽي، ٽيڪنيڪي، مشاورتي يا ڪا ٻي ڪميٽي جوڙي سگهي ٿي.

اختيارن جي منتقلي

Delegation of powers

10. چيئرمين، مخصوص حالتن ۾ عام ۽ خاص حڪم ذريعي پنهنجا اختيار، فرض تنظيم جي ڪنهن به ميمبر ڪميٽي، ڊائريڪٽر جي حوالي ڪري سگهي ٿو.

فنڊ

11. (1) سنڌ علائقائي منصوبابندي تنظيمي فنڊ جي نالي تي

پنهنجو هڪ فنڊ هوندو:

Fund

(2) هي فنڊ مشتمل هوندو:

(a) حڪومتي گرانٽس تي

(b) حاصل ٿيل تنظيمي قرض

(c) متحرڪ ۽ غير متحرڪ پراپرٽي

(d) وفاق، عالمي ايجنسي يا ڊونيشن جي مد ۾ مليل رقم

(e) هن ايڪٽ تحت ڪيل خدمتن عيوض مليل رقم

(f) تنظيم کي ملندڙ ٻي رقم

(3) هن فنڊ تحت حاصل ڪيل رقم چيئرمين جي منظوري سان بئنڪ ۾ رکي ويندي.

(4) تنظيم جا فنڊ، وفاقي يا صوبائي حڪومت جي ڪنهن به سڪيورٽي ۾ سيڙائي سگهجن ٿا.

(5) تنظيم بانڊز جاري ڪري ڪنهن مالي اسڪيم، پروجيڪٽ، يا ڪم جي حوالي سان چندو گڏ ڪري سگهي ٿي.

(6) تنظيم حڪومتي شرطن موجب، حڪومت يا بئنڪ کان قرض وٺي سگهي ٿي.

فنڊ جو استعمال

Utilization of Fund

12. (1) تنظيمي فنڊ جو استعمال هيٺين ريت ٿيندو:

(a) هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪمن جي خرچن تي ۽ نان آفيشنل ميمبرز جي پگهارن ۽ ٻين مراعتن تي

خرچ ڪرڻ

(b) هن ايڪٽ تحت شروع ڪيل اسڪيم، پراجيڪٽ تي ايندڙ خرچ

(c) قرضن ۽ انٽريسٽ جي ادائگي تي

(d) هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين ڪمن تي ايندڙ خرچ

(2) تنظيم، فنڊز جي استعمال ۽ خرچن جي حوالي سان ڪمشنر علائقائي منصوبابندي جي لاءِ ڪي حدون مقرر ڪري سگهي ٿي.

بجيٽ

Budget

13. ڪمشنر ريجنل پلان، هر مالي سال جي لاءِ امڪاني خرچن تي ٻڌل هڪ رپورٽ تيار ڪندو ۽ نئين مالي سال جي شروع ٿيڻ کان ٿي مهينا اڳ منظوري جي لاءِ اها رپورٽ جمع ڪرائيندو ۽ تنظيم ان کي ايئن ئي يا ڪنهن تبديلي سان منظور ڪري سگهي ٿي.

حساب ڪتاب ۽ ان جي آڊٽ

Account and Audit

14. (1) تنظيم، اڪائونٽس جو حساب ڪتاب رکندي ۽ ان جي آڊٽ مقرر ڪيل طريقي سان ڪرائيندي.

(2) هر مالي سان جي اختتام تي اڪائونٽس جي آڊٽ ڪئي ويندي ۽ تصديق ٿيل تفصيل Statement جاچ پڙتال لاءِ تنظيم ۾ جمع ڪرائي ويندي ۽ ان جي هڪ ڪاپي حڪومت ڏانهن اماڻي ويندي.

تنظيم جا ڪم

15. حڪومت جي خاص هدايتن تحت، تنظيم جو ڪم هي هوندو:

Functions of the Organization

(i) ايجنسي طور، صوبي يا ان جي ڪنهن حصي جي لاءِ جامع علائقائي منصوبو جوڙڻ

(ii) حڪومتي ادارن ۽ ايجنسيز کي علائقائي پلان موجب معلومات فراهم ڪرڻ ۽ مشاورتي خدمتون فراهم رکڻ.

(iii) صوبي جي سماجي مسئلن ۽ ترقياتي منصوبابندي جي حوالي سان مطالعن، جائزن ۽ تحقيق کي هٿي وٺرائڻ.

(iv) تنظيمي مقصدن جي حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل ماڻهو مهيا ڪرڻ ۽ صوبي جي اندر ۽ ٻاهر فنڊز ۽ ٻين وسيلن کي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ۾ آڻڻ.

(v) صوبي جي اندر ۽ ٻاهر علائقائي منصوبابندي ۽ ٻين فيلڊز ۾ پروفيشنل تربيت جي لاءِ سهوليت مهيا ڪرڻ.

(vi) تنظيمي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ فائديمند سرڪاري، غير سرڪاري، عالمي ۽ بين الصوبائي ايجنسيز جي سمورين سرگرمين ۾ سهڪار ڪرڻ.

(vii) اهڙيون سرگرميون شروع ڪرڻ جيڪي تنظيمي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سازگار ثابت ٿين.

تنظيم جا اختيار

Powers of the

16. تنظيم کي هي اختيار هوندا:

(a) منتقلي لائق متحرڪ ۽ غير متحرڪ پراپرٽي

Organization

حاصل ڪرڻ

(b) جائيداد وڪرو ڪرڻ

(c) ڪنهن صوبائي اداري يا ايجنسي جي درخواست تي منصوبہ سازي ڪرڻ

(d) هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ خرچ پڪو ڪرڻ

(e) فرضن جي ادائگي جي لاءِ ضروري سامان مهيا ڪرڻ

(f) ضرورت موجب معاهدا ڪرڻ

(g) فيلڊ آفيسز سينٽرز ۽ ادارن جو قيام عمل ۾ آڻڻ

(h) هن ايڪٽ ذريعي ڪنهن بہ معاملي متعلق سرڪاري ادارن يا ايجنسيز کان مواد، ڊيٽا، رڪارڊ طلب ڪرڻ

(i) ڊيٽا ڪليڪشن دوران، ڪنهن بہ حڪومتي اداري يا ايجنسي جي نگراني هيٺ جاري يا شروع ٿيندڙ پراجيڪٽ يا اسڪيم جو معائنو ڪرڻ.

(j) ترقياتي پراجيڪٽ، پروگرام يا اسڪين سان لاڳاپيل ڪنهن بہ سرڪاري يا غير سرڪاري ايجنسي کي پابند ڪرڻ تہ اها ڪنهن بہ اهڙي پروگرام يا اسڪيم کي ريجنل پلان جي مقصدن جي حوالي سان استعمال ۾ آڻڻ لاءِ جيڪڏهن ڪي خاص قدم کڻڻ چاهي تہ ان جي اڳواٽ اجازت حاصل ڪري.

(k) ترقياتي پراجيڪٽ، پروگرام يا اسڪيم تي ڪم ڪندڙ ڪنهن بہ سرڪاري يا غير سرڪاري

ايجنسي، جيڪا صورتحال هجي، حڪم ڏيڻ يا مشورو ڏيڻ تہ اها پنهنجي پراجيڪٽ، پروگرام يا اسڪيم مان ڪنهن شئي کي ڪڍي ڇڏي يا ان تي ڪم شروع ڪري ۽ ان سان صلاح مشورو ڪرڻ ۽ سهڪار حاصل ڪرڻ.

(l) گورنمينٽ طرفان تجويز ڪيل ٻين فرضن جي ادائگي ڪرڻ

سرگرمين جي رپورٽ

Report of activities

17. تنظيم هر سال جي پڄاڻي تي مقرر ڪيل تاريخ ۽ طريقي سان سال ۾ ٿيڻ وارين سمورين سرگرمين تي ٻڌل رپورٽ گورنمينٽ کي پيش ڪندي.

رهتن جي وصولي

Recovery of arrears

18. تنظيم تي جيڪڏهن ڪا رقم واجب الادا هجي تہ اها لينڊ روينيو رهتن طور وصول ڪئي ويندي.

عدالتن جي دائره اختيار تي پابندي

Courts jurisdiction barred

19. هن ايڪٽ هيٺ ٿيندڙ ڪنهن بہ عمل خلاف عدالت ڪو حڪم جاري نٿي ڪري سگهي، نہ ئي ان خلاف ڪارروائي ٿي سگهي ٿي.

ڏنڊ

Penalty

20. ڪنهن حڪم جي پيڪڙي يا هن ايڪٽ جي ڪنهن بہ قسم جي خلاف ورزي تي حڪومت 500 رپيا ڏنڊ رکي سگهي ٿي.

ضمانت

21. هن ايڪٽ جي تحت ڪيل عمل خلاف تنظيم، ان جي

عملدارن يا پرائيويٽ ايجنسي خلاف ڪا عدالتي ڪارروائي نہ ٿيندي.	Indemnity
22. (1) هن ايڪٽ تي عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ گورنمينٽ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.	قاعدا قانون جوڙڻ جا اختيار
(2) هن ايڪٽ جي روشني ۾ ۽ ان حوالي سان بڻايل قانونن تحت اڳواٽ سرڪاري لکت ۾ اجازت سان آفيشل گزيٽ ذريعي ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ريگيوليشنز جوڙي سگهجن ٿا.	Powers to make rules and regulations
نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.	